# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريه 1976

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1976

# سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) آرڊيننس، 1976

# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2.سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ جي دفعه 4 جي ترميم

Amendment of Section 4 in Sindh Land Revenue Act

3.سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ ۾ دفعه 54_A جي شموليت

Insertion of Section 54_A in Sindh Land Revenue Act

4.سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ ۾ دفعه 56_A جي شموليت

Insertion of Section 56_A in Sindh Land Revenue Act

5.سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ ۾ نئين دفعات 70_A،70_B، 70_C ۽ 70_D جي شموليت

Insertion of new Sections 70_A, 70_B, 70_C and 70_D in Sindh Land Revenue Act

# سنڌ آرڊيننس نمبر I مجريہ 1976

# SINDH ORDINANCE NO.I OF 1976

# سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) آرڊيننس، 1976

# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1976

[15 جنوري 1976]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي؛

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي جو اجلاس هلندڙ نہ آهي ۽ گورنر مطمئن آهي تہ موجوده حالتن کي نظر ۾ رکندي فوري قدم کڻڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

هاڻي، تنهن ڪري، اسلامي جمهوري پاڪستان جي آئين، جي آرٽيڪل 128 جي شق (1) تحت مليل اختيارن کي استعمال ڪندي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and

1.(1) هن آرڊيننس کي سنڌ لينڊ روينيو (ترميم) آرڊيننس، 1976 سڏيو ويندو.

| | |
|---|---|
| commencement | (2)هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو ۽ ڏهين نومبر، 1975 تي ۽ ان کانپوءِ لاڳو سمجهيو ويندو. |
| سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ جي دفعه 4 جي ترميم<br>Amendment of Section 4 in Sindh Land Revenue Act | 2.سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ، 1967 جنهن کي هن کانپوءِ مک ايڪٽ سڏيو ويندو، ان جي دفعه 4 ۾:<br>(i) شق (10) کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي، يعني:<br>"(10_A) 'آباد زمين' مطلب زمين جيڪا ڪئنال، ٽيوب ويل، کوهه، اسپرنگ يا ڪنهن ٻئي هترادو آبپاشي جي طريقي ذريعي آباد ڪئي وئي هجي؛ ۽<br>(ii)شق (27) کانپوءِ نئين شق شامل ڪئي ويندي، يعني:<br>"(27_A) 'غير آباد زمين' مطلب آباد زمين کانسواءِ ٻي زمين؛" |
| سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ ۾ دفعه 54_A جي شموليت<br>Insertion of Section 54_A in Sindh Land Revenue Act | 3.مک ايڪٽ ۾، دفعه 54 کانپوءِ هيٺين نئين دفعه شامل ڪئي ويندي، يعني:<br>"54_A (1) .(1) بورڊ آف روينيو يا ان طرفان بااختيار بڻايل کو عملدار، دفعه 24 تحت سمنز ذريعي اماٽيل نوٽيس ذريعي زمين جي مالڪ کان يا زمين جي مالڪن جي هڪ درجي کان سرڪاري گزيٽ ۾ ڇپيل نوٽيفڪيشن ذريعي ان جي يا انهن جي زمين جي مالڪي بابت يا اهڙي زمين جي ايراضي بابت صوبي اندر يا صوبي کان ٻاهر اهڙي طريقي ۽ اهڙي وقت اندر معلومات طلب ڪري سگهي ٿو ۽ اهڙو شخص يا اٿارٽي جيئن نوٽيس ۾ بيان ڪيو ويو هجي، يا نوٽيفڪيشن ۾<br>(معلومات طلب ڪرڻ جو اختيار) |

جيئن معاملو هجي.

(2) جيڪو بہ بنا ڪنهن موزون سبب ڄاڻائڻ جي ذيلي دفعہ (1) تحت معلومات فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا اهڙي معلومات فراهم ڪري ٿو جيڪو اهو ڄاڻي ٿو يا هن کي لڳي ٿو تہ اها غلط ٿي سگهي ٿي يا ڄاڻي واڻي اڻ پوري معلومات فراهم ڪري ٿو، ان کي سادي قيد جي سزا ڏني ويندي، جنهن جو مدو هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ، يا ٻئي گڏ.

(3)هن دفعہ تحت سزا لائق ڏوهہ تي ڪا بہ عدالت تدارڪ نہ ڪندي، سواءِ ان جي تہ جيستائين ان سلسلي ۾ بورڊ آف روينيو طرفان خاص طور يا عام طور تي بااختيار بڻايل روينيو آفيسر طرفان لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وڃي.

سنڌ ليند روينيو ايڪٽ ۾ دفعہ 56_A جي شموليت
Insertion of Section 56_A in Sindh Land Revenue Act

4.مک ايڪٽ ۾، دفعہ 56 کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي، يعني:

“56_A. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، ڪو بہ زمين جو مالڪ لينڊ روينيو ڀرڻ جو مجاز نہ هوندو، جيڪڏهن اهو رکي ٿو:

(a) آباد زمين، جيڪا ٻارنهن ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هجي؛

(b)غير آباد زمين جيڪا پنجويهہ ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هجي؛ يا

(c) آباد ۽ غير آباد زمين، جنهن جي گڏيل ايراضي آباد زمين جي ٻار نهن ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هجي:

بشرطيڪ سال 76_1975 لاءِ، جتي لينڊ روينيو علائقي ۾ ڪل لينڊ روينيو جي پنجاهہ سيڪڙو فليٽ ريٽ بنيادن تي اوڳاڙيو ويو آهي، جتي پاڻي جي بنيادي فراهمي موجود آهي ۽ بين علائقن ۾ ڪل لينڊ روينيو جي پنجهتر سيڪڙو برابر ۽ جتي لينڊ روينيو فليٽ ريٽ بنيادن تي ناهي اوڳاڙيو ويو اتي خريف فصل لاءِ واجب الادا لينڊ روينيو اوڳاڙيو ويندو.

وضاحت: هن دفعہ جي مقصد لاءِ:

(a) آباد زمين جو هڪ ايڪڙ غير آباد زمين جي ٻہ ايڪڙن برابر سمجهيو ويندو؛

(b) "زمين" مطلب دفعہ 56 جي شقن (b)، (c) ۽ (d) ۾ ڄاڻايل زمين کانسواءِ ٻي زمين يا صوبي کان ٻاهر زمين؛

(c) "زمين جو مالڪ" جنهن ۾ شامل آهي:

(i) هڪ الاٽي يا حڪومت جي ڪنهن اسڪيم تحت ڪنهن زمين جو گرانٽي، جنهن تحت اهڙي الاٽمينٽ يا گرانٽ بالغ مالڪي ۾ ڏني وئي آهي؛

(ii) سرڪاري زمين جو ليزي؛

(iii) ڪو شخص جنهن قبضي سان پنهنجي زمين يا ان جو ڪو حصو گروي رکيو هجي؛ يا

(iv) ڪو شخص جنهن کي زمين جا مستقل حق يا فائدا حاصل هجن."

5. هن مک ايڪٽ ۾ دفعہ 70 کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي ويندي، يعني:

سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ ۾ نئين دفعات 70_A،70_B، 70_ 

C ۽ 70_D جي شموليت

Insertion of new Sections 70_A, 70_B, 70_C and 70_D in Sindh Land Revenue Act

“70_A. جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، هيٺ ڏنل ٽيبل جي ڪالم 2 ۾ ڄاڻايل زمين رکندڙ زمين جو مالڪ، ان سلسلي ۾ اهڙي زمين لاءِ ان جي سامهون ڪالم 3 ۾ ڄاڻايل وڌايل لينڊ روينيو ادا ڪرڻ جو ذميدار هوندو:

لينڊ روينيو ۾ واڌ

| | | |
|---|---|---|
| (a) | زمين جو مالڪ جيڪو رکندو هجي: | دفعہ 57 ۽ 70 جي گنجائشن تحت رکيل لينڊ روينيو جو 150 سيڪڙو. |
| (i) | آباد زمين جيڪا پنجويهہ ايڪڙن کان وڌيڪ هجي پر پنجاهہ ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هجي؛ يا | |
| (ii) | غير آباد زمين جيڪا پنجاهہ ايڪڙن کان وڌيڪ هجي پر سئو ايڪڙن کان وڌيڪ نہ هجي؛ يا | |
| (iii) | آباد ۽ غير آباد زمين جنهن جي گڏيل ايراضي پنجاهہ ايڪڙ آباد زمين کان وڌيڪ نہ هجي. | |
| (b) | زمين جو مالڪ جيڪو | |

| | | |
|---|---|---|
| | رکندو هجي: | |
| (i) | آباد زمين جيڪا پنجاهه ايڪڙن کان وڌيڪ هجي؛ يا | دفعه 57 ۽ 70 جي گنجائشن تحت رکيل لينڊ روينيو جو 200 سيڪڙو. |
| (ii) | غير آباد زمين جيڪا سئو ايڪڙن کان وڌيڪ هجي؛ يا | |
| (iii) | آباد ۽ غير آباد زمين جيڪا گڏيل طور پنجاهه ايڪڙ آباد زمين کان وڌيڪ نه هجي. | |

بشرطيڪ سال 1975_76 لاءِ، جتي ڪل لينڊ روينيو جي پنجاهه سيڪڙو فليٽ ريٽ بنيادن تي اوڳاڙيو ويو هجي، اهڙي ايراضي ۾ جتي ٻارهو ئي پاڻيءَ جي فراهمي موجود هجي ۽ ڪل لينڊ روينيو جي پنجويهه سيڪڙو ٻين علائقن ۾، ۽ جتي لينڊ روينيو فليٽ ريٽ بنيادن تي ناهي اڳواڙيو ويندو، اتي ربيع فصل لاءِ واجب الادا لينڊ روينيو اوڳاڙيو ويندو.

وضاحت: هن دفعه جي مقصد لاءِ:

(a) آباد زمين جو هڪ ايڪڙ غير آباد زمين جي ٻن ايڪڙن برابر هوندو؛

(b) "زمين" مطلب صوبي اندر يا ٻاهر دفعه 56 جي شقن

(b)، (c) ۽ (d) ۾ ڄاڻايل زمين ڪانسواءِ ٻي زمين؛

(c) ”زمين جو مالڪ“ جنهن ۾ شامل آهي:

(i) حڪومت جي ڪنهن اسڪيم تحت ڪنهن زمين جو الاٽي يا گرانٽي، جنهن تحت اهڙي الاٽمينٽ يا گرانٽ مالڪي ۾ تبديل ٿيڻي هجي؛

(ii) سرڪاري زمين جو ليزي؛

(iii) ڪو شخص جنهن قبضي سان، پنهنجي زمين يا ان جو ڪو حصو گروي رکيو هجي؛ يا

(iv) ڪو شخص جنهن کي زمين جا مستقل حق يا انٽريسٽ حاصل هجي.

B_70. (1) جڏهن ڪو شخص صوبي اندر يا ٻاهر زمين حاصل ڪري ته اهو اهڙي معلومات اهڙي وقت اندر اهڙي اٿارٽي کي فراهم ڪندو ۽ اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت جيئن بورڊ آف روينيو نوٽيفڪيشن ذريعي ان سلسلي ۾ بيان ڪيو هجي؛ بشرطيڪ اهڙي معلومات فراهم ڪرڻ لازمي نه هوندو جيڪڏهن زمين ساڳئي تعلقي ۾ ورتي وئي آهي، جنهن ۾ هو اڳواڻ زمين جي مالڪي رکي ٿو.

مالڪي جي مواد ۾ واڌ بابت معلومات

(2) جيڪو بہ موزون سبب ڪانسواءِ دفعہ (1) تحت طلب ڪيل معلومات فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿئي ٿو يا اهڙي معلومات فراهم ڪري ٿو جيڪا اهو ڄاڻي ٿو يا يقين ڪرڻ لاءِ سبب آهي تہ اها ڪوڙي ٿي سگهي ٿي يا ڄاڻي واڻي اڻپوري معلومات فراهم ڪري ٿو اهو قيد جي سزا لائق

هوندو جيڪا هڪ سال تائين وڌي سگهي ٿي، يا ڏنڊ، يا ٻئي گڏ.

(3) هن دفعہ تحت سزا لائق ڪنهن ڏوهہ تي ڪنهن بہ عدالت کي ڪارروائي جو اختيار نہ هوندو جيستائين خاص طور تي روينيو آفيسر طرفان يا عام طور تي ان سلسلي ۾ روينيو بورڊ طرفان بااختيار بڻايل شخص طرفان لکت ۾ شڪايت نہ ڪئي وڃي.

**چوٽ لاءِ درخواست**

70_C. (1) جتي زمين جو مالڪ دفعہ 56 يا دفعہ 56_A تحت ملندڙ لينڊ روينيو جي ادائگي کان چوٽ حاصل نہ ڪري سگهي، ان کان لينڊ روينيو وڌيڪ ورتي وئي هجي، جيڪا هن تي واجب الادا هجي، يا سندس زمين دفعہ 70_A تحت غلط ڪيٽيگرائيز ڪئي وئي هجي، اهو اهڙي طريقي ۾ اهڙيءَ ريت مختيار ڪار کي، جنهن جي دائره اختيار ۾ سندس زمين يا ان جو ڪو حصو واقع هجي، ان کي درخواست ڪري سگهي ٿو، جيئن بورڊ آف روينيو طرفان بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت درخواست ملڻ تي مختيارڪار جاچ ڪرائيندو، جيئن اهو موزون سمجهي ۽ جيڪڏهن اهڙي جاچ لاءِ ضرورت پئي تہ ڪنهن شخص کي سمن ڪري سگهي ٿو يا ڪو دستاويز ڏسي سگهي ٿو ۽ اهڙي جاچ مڪمل ٿيڻ کانپوءِ جوڳو حڪم ڏئي سگهي ٿو.

(3) جتي ڪا معلومات يا ٻيو ڪجهہ حاصل ٿئي، ۽ اهڙي جاچ کانپوءِ جيڪا اهو موزون سمجهي، مختيارڪار

ان خيال جو آهي تہ ڪو زمين جو مالڪ ادائگي نٿو ڪري يا مٿس واجب الادا لينڊ روينيو جي مد ۾ رقم کان گهٽ ادائگي ڪري ٿو، اهو اهڙو حڪم ڪري سگهي ٿو، جيڪو اهو موزون سمجهي.

بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ تحت حڪم ڪرڻ کان اڳ ان شخص کي ٻڌڻ جو هڪ موقعو فراهم ڪيو ويندو، جيڪو هن حڪم ذريعي متاثر ٿي رهيو هجي.

(4) هن دفعہ تحت اختيار استعمال ڪندي مختيارڪار اهڙين هدايتن تي عمل ڪندو جيڪي ڪيس بورڊ آف روينيو طرفان فراهم ڪيون وڃن.

(5) دفعہ (2) تحت ڪيل ڪنهن حڪم سان متاثر ٿيل ڪو شخص اهڙي حڪم جي تاريخ کان هڪ مهيني اندر اسسٽنٽ ڪمشنر کي اپيل ڪري سگهي ٿو جنهن جو حڪم، ڊپٽي ڪمشنر جي نظرثاني ڪرڻ کانپوءِ حتمي هوندو.

D-70. جيستائين ڪجهہ هن ايڪٽ جي متضاد نہ هجي، حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي اصول يا طريقيڪار يا طريقو جوڙي سگهي ٿي، جنهن ذريعي ۽ اهڙيءَ ريت دفعہ A-56 تحت ڇوٽ ڏئي يا دفعہ A-70 تحت تشخيص ڪري سگهجي ٿي."

لينڊ روينيو کان ڇوٽ يا تشخيص

**نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**